# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2012

# SINDH ACT NO.X OF 2012

# سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2012

# THE SYED ABDULLAH SHAH INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ACT, 2012

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3.اداري جو قيام

Establishment of the Institute

4.ملڪيت ۽ ماڻهو

Property and persons

5.اداري جا ڪم

Functions of the Institute

6.ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

7.سرپرست

Patron

8.اداري جي معاملن جو انتظام

Administration of the affairs of the Institute

9.بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Board

10.بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

11.اداري جو ڊائريڪٽر

Director of the Institute

12.ڊائريڪٽر جا اختيار

Powers of Director

13.اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

14.اداري جي عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا

Appointments and terms and conditions of officers and staff of the Institute

15.سليڪشن بورڊ

Selection Board

16.فنڊ

Fund

17.فنڊز جمع ڪرڻ

Crediting of the funds

18.فنڊز جي سيڙپڪاري ۽ استعمال

Investment and utilization of the Funds

19.اڪائونٽس سنڀالڻ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ

Maintenance of accounts and audit of accounts

20.ساليانيون رپورٽس ۽ پيرياڊيڪل ريٽرنس

Annual reports and periodical returns

21.رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

22.دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

23.چوٽ

Indemnity

24.ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 2012

# SINDH ACT NO.X OF 2012

# سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2012

# THE SYED ABDULLAH SHAH INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ACT, 2012

[2 اپريل 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ سڏيو ويندو،

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سيوهڻ ۾ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز قائم ڪرڻ ۽ سان لاڳاپيل يا جڙيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
**Definitions**

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب اداري جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛
(b) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرز؛
(c) "چيئرپرسن" مطلب بورڊ جو چيئرپرسن؛
(d) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو ڊائريڪٽر؛
(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(f) "انسٽيٽيوٽ" مطلب سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز؛
(g) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛
(h) "بيان ڪيل" مطلب ضابطن موجب بيان ڪيل؛
(i) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛
(j) "سليڪشن بورڊ" مطلب اداري جو سليڪشن بورڊ؛ ۽
(k) "شاگرد" مطلب اداري جو شاگرد.

**اداري جو قيام**
**Establishment of the Institute**

3.(1) ادارو جيڪو سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايٽ سيوهڻ، سڏيو ويندو اهو تعلقه اسپتال سيوهڻ، رورل هيلٿ سينٽر آراضي، رورل هيلٿ سينٽر ڀان، رورل هيلٿ سينٽر جهانگارا ۽ تعلقي سيوهڻ جي سمورن بنيادي صحت مرڪزن جي ٻيهر جوڙجڪ ڪري ۽ ٻيهر تنظيم سازي ڪري قائم ڪيو ويندو.

(2) انسٽيٽيوٽ باڊي ڪارپوريٽ هوندو جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ان سان گڏ اهو ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري، رکي يا

نيڪال ڪري سگھندو، ان تي ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگھندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگھندو.

ملڪيت ۽ ماڻهو
Property and persons

4.(1) سموريون ملڪيتون، حق ۽ فائدا، جنهن به قسم جا استعمال ڪيا ويا هجن، مزو ورتو ويو هجي، قبضي ۾ رکيا ويا هجن، مالڪي هيٺ هجن يا شامل هجن، يا تعلقي اسپتال سيوهڻ، رورل هيلٿ سينٽر آراضي، رورل هيلٿ سينٽر پيان، رورل هيلٿ سينٽر جهانگارا ۽ ٻين سمورن تعلقي سيوهڻ جي بنيادي صحت مرڪزن طرفان ٽرسٽ ۾ رکيا ويا هجن ۽ سموريون رهتون جيڪي قانوني طور انهن ڏانهن هجن اهي اداري ڏانهن منتقل ٿي وينديون.

(2) سمورا ماڻهو جيڪي ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل اسپتال، مرڪزن ۽ بنيادي صحت مرڪزن ۾ ملازمت ڪندا هجن، اهي:

(i) اداري ۾ ملازمت جي عرصي دوران اداري کان اهڙي پگھار ۽ الائونسز حاصل ڪندا جيڪي انهن کي انهن جي اداري ڏانهن منتقلي کان فوري اڳ ملي رهيا هئا، انهن کان گھٽ نه هوندا؛ ۽
(ii) اهڙن ضابطن تحت هلايا ويندا، جيڪي اداري طرفان جوڙيا وڃن، بشرطيڪ اهڙا ضابطا انهن جي اداري ڏانهن منتقلي کان فوري اڳ انهن تي لاڳو قاعدن کان گھٽ فائديمند نه هجڻ گھرجن.

(3)ادارو ذيلي دفعه (1) تحت منتقل ڪيل ماڻهن جي سلسلي ۾:

(i) اهڙا سمورا انتظامي ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو جيڪي حڪومت يا ان جي ماتحت اختياري طرفان استعمال لائق هيا؛

(ii) اهڙي ڪنهن شخص خلاف انتظامي ڪارروائي ڪندو ۽ اهڙي شخص جو معاملو وڌيڪ قدم کڻڻ لاءِ حڪومت ڏانهن موڪليندو.

(4) ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل ماڻهو انهن جي سمورين خدمتن لاءِ حڪومت کان مراعتون حاصل ڪندا، بشمول اداري هيٺ انهن جي ملازمت، پينشن ۽ انهن تي لاڳو ٿيندڙ قاعدن موجب پينشن جي تبديلي جي رقم بہ حڪومت کان حاصل ڪندا.

(5) ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل شخص جو جمع ڪيل جنرل پرووبڊنٽ فنڊ انهن جي پرووبڊنٽ فنڊ اڪائونٽ ۾ شامل ٿيڻ جاري رهندو:

بشرطيڪ اهڙي فنڊ مان عارضي ايڊوانسز انهن تي لاڳو ٿيندڙ قاعدن موجب انسٽيٽيوٽ مان جاري ڪيا ويندا.

اداري جا ڪم
Functions of the Institute

5. انسٽيٽيوٽ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) علاج ڪرڻ ۽ ميڊيڪل سائنسز جي ميدان ۾ عام بيمارين جي جاچ لاءِ ضروري جديد طبي سهولتون حاصل ڪرڻ؛

(ii) مختلف عام بيمارين جي جاچ ۽ علاج لاءِ طريقي ڪي ترقي وٺرائڻ ۽ هنر جي معيار کي بهتر بڻائڻ؛

(iii) نرسنگ، پيراميڊڪس، ميڊڪس ۽ بايو ميڊڪز تي

زور ڀريندي ميڊيڪل سائنسز جي اصولن ۾ تدريسي، تربيتي ۽ ريفريشر ڪورسز ڪرائڻ؛

(iv) پوسٽ گريجوئيٽ تدريسي پروگرام ڪرائڻ جهڙوڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما، ماسٽر آف سرجري ۽ ڊاڪٽوريٽ آف ميڊيسنز؛

(v) ميڊيڪل سائنسز جي ميدان، بيمارين جي قسم، بچاءَ ۽ علاج ڪي جاري رکڻ ۽ تحقيق، سروينز تجربن ۽ مظاهرن کي هٿي وٺرائڻ؛

(vi) تحقيقي پيپرز، مطالعا ۽ اهڙا ٻيا ڪم جيڪي انسٽيٽيوٽ ۾ مڪمل ڪيا ويا آهن يا ڪنهن ٻئي ساڳئي قسم جي اداري يا مقامي يا پرڏيهي ايجنسي ۾ مڪمل ڪيا ويا آهن، شايع ڪرڻ يا جيڪي ٻي صورت ۾ اداري لاءِ وڏي اهميت وارا آهن؛

(vii) سيمينارز ۽ ڪانفرنسز جو انتظام ڪرڻ ۽ قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسيز، تنظيمن، ادارن ۽ اداري جي دائري ۾ ايندڙ سرگرمين ۾ يونيورسٽي سان سهڪار کي هٿي وٺرائڻ؛ ۽

(viii) اهڙيون ٻيون سرگرميون ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم ڪرڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي اداري جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

**ادارو سيني لاءِ کليل هوندو**
**Institute open to all**

6.ادارو ڪنهن به جنس، ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ يا ڊوميسائيل سان تعلق رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ کليل هوندو، جيڪي اداري طرفان پڙهائي لاءِ آڇيل ڪورسز ۾ داخلا لاءِ تعليمي طور قابليت رکندڙ هجن ۽ ڪو به شخص

فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ ۽ ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولت ڏيڻ کان منع نہ ڪيو ويندو.

سرپرست
Patron

7.(1) سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.

(2) سرپرست اداري جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي جي سلسلي ۾ پاڻمرادو جاچ يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ ڪنهن ماڻهو يا ماڻهن کي وقت بوقت هيٺين معاملن جي جاچ ڪرڻ يا جاچ جاري رکڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

(a) ادارو، ان جون عمارتون، ليباريٽريز، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛

(b)ڪو ادارو، ڪاتو يا اداري طرفان سنڀاليل هاسٽل؛

(c)اداري جي مالي ۽ انفرادي وسيلن جي گهٽائي؛

(d)تدريس، تحقيق، نصاب ۽ اداري جا ٻيا تعليمي معاملا؛ ۽

(e)اداري سان لاڳاپيل اهڙا ٻيا معاملا جيڪي سندس طرفان بيان ڪيا ويا هجن.

(3) سرپرست ذيلي دفعہ (2) تحت رپورٽ ملڻ تي دوري جي نتيجي جي سلسلي ۾ پنهنجي راءِ بابت بورڊ سان ڳالهائيندو ۽ بورڊ جا خيال ٻڌڻ کانپوءِ بورڊ کي ان طرفان قدم کڻڻ بابت مشورو ڏيندو.

(4) بورڊ اهڙي وقت اندر جيئن سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي اهڙي قدم بابت، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن کنيو ويو هجي يا دوري جي نتيجي تي قدم کڻڻ لاءِ

تجويز ڪيو ويو هجي، ان بابت سرپرست سان ڳالهائيندو.

(5) جتي بورڊ بيان ڪيل وقت اندر قدم نہ ٿو کڻي يا ڪنيل قدم سرپرست کي مطمئن نہ ٿو ڪري تہ سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ چيئرپرسن اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

**اداري جي معاملن جو انتظام**
**Administration of the affairs of the Institute**

8.(1) عام هدايت ۽ اداري جا انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ وٽ رهندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i)صحت وارو وزير يا سندس غير موجودگي ۾ حڪومت طرفان نامزد ڪيل شخص؛ | چيئرپرسن |
| (ii)مقامي علائقي جو ايم پي اي؛ | وائيس چيئرپرسن |
| (iii)سيد عبدالله شاھ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جو صدر؛ | ميمبر |
| (iv)ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو يا سندس نامزد ڪيل؛ | ميمبر |
| (v)سيڪريٽري صحت يا سندس نامزد ڪيل؛ | ميمبر |
| (vi) سيد عبدالله شاھ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جا ٻہ نامزد ڪيل؛ | ميمبر |

| | |
|---|---|
| (vii)اڪيڊمڪ ڪائونسل جو هڪ نامزد ڪيل؛ | ميمبر |
| (viii)حڪومت طرفان نامزد ڪيل ميڊيڪل سائنسز جي ميدان ۾ مشهور هڪ ماڻهو؛ | ميمبر |
| (ix)ڊائريڪٽر. | ميمبر/سيڪريٽري |

بشرطيڪ وائيس چيئرپرسن جي غير موجودگيءَ ۾ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جو صدر وائيس چيئرپرسن طور ڪم ڪندو.

(2) بورڊ اهڙا ٻيا ماهر شامل ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

(3) ايڪس آفيشو ميمبر کان سواءِ ميمبر بورڊ کي لکت ۾ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ان کانپوءِ عهدو رکي نه سگهندو.

(4) ايڪس آفيشو ميمبر کانسواءِ ميمبر عهدو نه رکي سگهندو جيڪڏهن اهو ڪنهن جوڳي سبب کانسواءِ لڳاتار بورڊ جي ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو.

(5)جيستائين ميمبر عهدو ڇڏي، ميمبر جي عهدي جي مدت، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ٽي سال هوندي.

(6) جڏهن ڪو شخص عهدو رکڻ لاءِ ميمبر مقرر ڪيو

وجي ٿو اهو عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board

9.(1) بورڊ اداري جي سلسلي ۾ انتظامي ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو، جيئن اهو ان جي بهتر ۽ موثر نموني ڪارڪردگي لاءِ ضروري سمجهي.

(2) خاص طور تي ۽ ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ بورڊ کي اختيار هوندا:

(i) اداري جي ملڪيت، فنڊز ۽ وسيلا رکڻ، سنڀالڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اداري جي مقصد لاءِ رقم اڌاري وٺڻ يا جمع ڪرڻ؛

(ii) اداري جي نگراني ڪرڻ ۽ سمورو ضابطو رکڻ؛

(iii) ساليانی تحقيقي پروگرام ساليانی رپورٽس ۽ اداري جي اڪائونٽ جي آڊٽ اسٽيٽمينٽس تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(iv) اداري جي اهڙي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جا عهدا پيدا ڪرڻ، معطل ڪرڻ ۽ ختم ڪرڻ، جيئن اهو ضروري سمجهي؛

(v) اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي کي مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ؛

(vi) پروفيسر شپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، سينئر رجسٽرارشپ ۽

ليڪچرر شپس ۽ ڪي بيا عهدا جوڙڻ؛

(vii) سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي هڪ ميجر هيڊ مان ٻئي ۾ فنڊز کي استعمال ڪرڻ ۽ آڊيٽرز مقرر ڪرڻ؛

(viii) اداري طرفان حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل سمورن رقمن ۽ اداري جي اثاثن ۽ رهتن لاءِ اڪائونٽس جا جوڳا ڪتاب رکڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(ix) طريقيڪار جا پنهنجا قاعدا جوڙڻ؛

(x) ضابطا جوڙڻ؛

(xi) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيز يا ذيلي ڪميٽيز مقرر ڪرڻ، جيئن ضروري سمجهي؛ ۽

(xii) بجيٽري ڪاٿن جي منظوري ڪانسواءِ پنهنجا ڪي به اختيار ڊائريڪٽر کي منتقل ڪرڻ.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

10.(1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ به پيرا سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينن جي وقفي سان اهڙين تاريخن تي گڏجاڻي ڪندو، جيڪي چيئرپرسن جي مشاورت سان ڊائريڪٽر طرفان طئي ڪيون وينديون.

بشرطيڪ چيئرپرسن ڪنهن به وقت گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو.

(2)چيئرپرسن گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3) چيئرپرسن جي غير حاضري ۾، گڏجاڻيءَ جي

صدارت وائيس چيئرپرسن ڪندو ۽ ٻنهي جي غير حاضري ۾ موجود ميمبرن طرفان مقرر ڪيل ميمبر صدارت ڪندو.

(4) گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ڪل ميمبرز جي هڪ پاڱي تي هوندو، جنهن جي نسبت هڪ ڳڻي ويندي پر ڪورم جي گهرج لاءِ ملتوي ڪيل گڏجاڻيءَ جي سلسلي ۾ ڪورم ضروري نہ هوندو.

(5) چيئرپرسن کي ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ ووٽ حاصل هوندو.

(6)ڊائريڪٽر بورڊ جو سيڪريٽري هوندي گڏجاڻيءَ جا منٽس رڪارڊ ڪندو، جيڪي اهو تصديق ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ جمع ڪرائيندو.

اداري جو ڊائريڪٽر
Director of the Institute

11. ڊائريڪٽر بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن تحت بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويندو، جيڪو قانون تحت پاڪستان ۾ قائم ڪيل يونيورسٽي طرفان يا عالمي ساک رکندڙ يونيورسٽي طرفان بيان ڪيل قابليت رکندڙ هوندو ۽ ان کي ميڊيڪل سائنسز انسٽيٽيوشنز جي مئنيجمينٽ جي ميدان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سالن جو تجربو هوندو:

بشرطيڪ هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ تعلقي اسپتال سيوهڻ جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو عهدو رکندڙ شخص اداري جو پهريون ڊائريڪٽر هوندو.

ڊائريڪٽر جا اختيار

12.(1) ڊائريڪٽر اداري جو تعليمي ۽ ايگزيڪيوٽو سربراهہ هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ضابطن تحت

| Powers of Director | اداري جا معاملا هلائيندو ۽ سندس هيٺيان اختيار ۽ ڪم هوندا: |
|---|---|

(i) اداري جو رڪارڊ ۽ مهر تحويل ۾ رکڻ؛

(ii) اداري ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن يا ماڻهن جي ماهوار پگهارن ۽ الائونسز جي ادائگي ڪندو؛

(iii) ميڊيڪل ڪيئر جي فراهمي لاءِ اداري جي تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين لاءِ ذميدار هوندو ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندو تہ ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ضابطن جو ايمانداري سان خيال رکيو پيو وڃي؛

(iv) بجيٽ ۾ نہ فراهم ڪيل ڪنهن اڻ ڄاڻايل آئٽم لاءِ مالي سال دوران رقم منظور ڪرڻ يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ جيڪا هڪ ٻہ لک (ٻہ سئو هزار) رپين کان گهٽ نہ هوندي ۽ ان سلسلي ۾ بجيٽ ڪاٿا ۽ سپليمينٽري بجيٽ ڪاٿا تيار ڪرڻ لاءِ ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ جمع ڪرائڻ ۽ ساڳيا منظوري لاءِ بورڊ جي سامهون رکڻ؛

(v) مڪمل طور منظور ڪيل ۽ بااختيار بڻايل ڪنهن بہ بجيٽ جي هيڊ مان بلز جي ادائگي منظور ڪرڻ؛

(vi) بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ ۽ چيئرپرسن جي مشاورت سان بورڊ ۽ ان جي ڪميٽيز جي گڏجاڻين جا نوٽيسز جاري ڪرڻ ۽ گڏجاڻين جا منٽس ۽ رڪارڊ ۽ ڪارروايون سنڀالڻ؛

(vii) بورڊ جي فيصلن تي عملدرآمد لاءِ قدم کڻڻ؛

(viii) اداري جي سموري خط و ڪتابت ڪرڻ؛

(ix) تدريسي ۽ غير تدريسي عهدا پيدا ڪرڻ ۽ عارضي بنيادن تي پرڻ، جن جو عرصو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(x) بورڊ جي بدران ڊيڊز ۽ دستاويز تيار ڪرڻ ۽

(xi) اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي بورڊ طرفان سونپيون ويون هجن.

(2) ڊائريڪٽر هر معاملي ۾ بورڊ جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ يا جيستائين بجيٽ ۾ اڳواٽ منظور ٿيل نه هجي، سول ڪمن جي آئٽمز مک خرچ جي اوزارن يا گاڏين تي خرچ جي اجازت نه ڏيندو.

(3) ڊائريڪٽر بورڊ طرفان جوڙيل ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو ۽ اهڙين ڪميٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(4) جيڪڏهن ڊائريڪٽر مطمئن آهي ته سليڪشن بورڊ يا اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ڪا ڪارروائي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب نه آهي ته اهو معاملي بابت بورڊ کي رپورٽ ڪندو جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(5) ڊائريڪٽر پنهنجا ڪي به اختيار سواءِ ڪيس سونپيل اختيار جي اداري جي ڪنهن عملدار يا ڪميٽي کي اهڙين

شرطن تحت سونپي سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

13.(1) اداري وٽ هڪ اڪيڊمڪ ڪائونسل هوندي جيڪا اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي ان ڪي هن ايڪٽ يا ضابطن تحت بورڊ طرفان سونپيا ويا هوندا.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل ڊائريڪٽر جيڪو چيئرپرسن هوندو ۽ اداري جي سمورن پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز تي مشتمل هوندي.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل هيلٿ سائنسز سان لاڳاپيل اهڙا ٻيا ماهر پاڻ سان جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

(4) اڪيڊمڪ ڪائونسل جون گڏجاڻيون ايترو آزاداڻي طور ڪوٺايون وينديون، جيترو ممڪن ٿي سگهي، پر سال ۾ ٽئن دفعن کان گهٽ نہ هونديون.

(5) گڏجاڻيءَ جو ڪورم اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ڪل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻتي ويندي.

اداري جي عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا
Appointments and terms and conditions of officers and staff

14. ادارو پنهنجي ڪمن جي موثر ڪارڪردگي لاءِ اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪري سگهي ٿو، جنهن وٽ اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل يا منسٽيريل قابليت ۽ تجربو هجي ۽ اهڙي طريقي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| of the Institute | |
| سليڪشن بورڊ<br>Selection Board | 15.(1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو ڊائريڪٽر ۽ اهڙن ٻين ميمبرن تي مشتمل هوندو، جيئن بورڊ مقرر ڪري.<br><br>(2) ڊائريڪٽر سليڪشن بورڊ جو چيئرپرسن هوندو.<br><br>(3) سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ان جي ميمبرز جي ٻه ٽياڱي تي کان گهٽ نه هوندو.<br><br>(4) ايڪس آفيشو ميمبر کانسواءِ سليڪشن بورڊ جو ميمبر ٻن سالن لاءِ عهدو رکندو.<br><br>(5) سليڪشن بورڊ جو ڪو ميمبر جيڪو ڪنهن عهدي لاءِ اميدوار آهي، جنهن لاءِ مقرري ٿيڻي آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي اهڙي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺندو. |
| فنڊ<br>Fund | 16.(1) اداري جو هڪ الڳ فنڊ هوندو، جنهن کي سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز فنڊ سڏيو ويندو.<br><br>(2) فنڊ مشتمل هوندو:<br><br>(a) وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن کان حاصل ڪيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛<br><br>(b) چندا، اوقاف ۽ ذخيرا؛<br><br>(c) سيڙپڪاري ۽ ذخيرن مان ڪمائي؛<br><br>(d) اداري طرفان گڏ ڪيل قرض يا حاصل ڪيل امداد؛ |

(e)فيس، اداري جي اشاعتن تي رايلٽيز ۽ اداري طرفان فراهم ڪيل خدمتن لاءِ پيون چارجز.

(f) ڪنهن پاڪستان يا پرڏيهي ڊونر ايجنسي کان حاصل ڪيل سموريون رقمون.

فنڊز جمع ڪرڻ
Crediting of the funds

17. فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظور ڪيل ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيون وينديون.

فنڊز جي سيڙپڪاري ۽ استعمال
Investment and utilization of the Funds

18. بورڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪنهن بي سڪيورٽي ۾ پنهنجي فنڊ جي سيڙپڪاري ڪندو.

اڪائونٽس سنڀالڻ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ
Maintenance of accounts and audit of accounts

19.(1) بورڊ اداري جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت سنڀاليندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اڪائونٽ سال ۾ هڪ دفعو بورڊ طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيو ويندو.

(3) اڪائونٽس جو ساليانو بيان ۽ ان سلسلي ۾ آڊٽ رپورٽ آڊيٽر طرفان بورڊ جي غور ڪرڻ لاءِ اهڙو قدم کڻڻ لاءِ جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ضروري هجي.

سالياني رپورٽس ۽ پيرياڊيڪل ريٽرنس
Annual reports and periodical

20. ڊائريڪٽر بورڊ جي منظوري سان اهڙا وقتي ريٽرنس، سالیانا اڪائونٽس جا بيان ۽ تفصيل يا معلومات حڪومت کي جمع ڪرائيندو، جيڪي حڪومت طرفان گهربل هجن.

returns
رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

21. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي پهرين عملدرآمد ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، تہ حڪومت چيئرپرسن جي سفارش تي يا ٻي صورت ۾، اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ جوڳي هدايت ڏيندي.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

22. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي يا ڪجهہ ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪا ڪارروائي ڪرڻ، ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

چوٽ
Indemnity

23. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي يا ڪجهہ ڪرڻ جي ڪوشش تي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make regulations

24. حڪومت جي منظوري سان، بورڊ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان تضاد ۾ نہ هجن، جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**